SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ آرڈیننس نمبر XIX مجریہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 2001

سندھ لوکل گورنمینٹ الیکشنز (ترمیم) آرڈیننس، 2001

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فہرست (CONTENTS)

تمہید (Preamble)
1. مختصر عنوان ءِ شروعات
Short title and commencement
2. سندھ آرڈیننس X مجریہ 2000 جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance No.X of 2000

سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 2001

سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[6 جون، 2001]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس، 2000 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي، جيڪا هن طرح هوندي؛

۽ جيئن تہ 14 آڪٽوبر 1999 جي هنگامي حالتن واري اعلان ۽ 14 آڪٽوبر 1999 تي جاري ٿيل 1999 جي پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 جي آرٽيڪل 3(2) تحت صوبي جي گورنر کي چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايتن تي عمل ڪرڻو آهي؛

۽ جيئن تہ 1999 جي پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9 جي آرٽيڪل 4 تحت، صوبي جو

گورنر چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان جي هدايتن تي آرڊيننس جاري ۽ نافذ ڪري سگهي ٿو.

۽ جيئن ته مڪاني حڪومت چونڊون آرڊر، 2000 (2000 جو نمبر 8) تحت، چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان چيف اليڪشن ڪمشنر کي صوبي ۾ مڪاني حڪومت جون چونڊون ڪرائڻ جو اختيار ڏنو آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن اهي ته موجوده صورتحال ۾ فوري قدم ضروري آهي.

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اختيارن ۽ ڪيس سونپيل ٻين سمورن اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر، چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان جي هدايتن تي هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز (ترميم) آرڊيننس، مجريه 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس X مجريه 2000 جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance No.X of 2000

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس، 2000 جي دفعه 3 جي آخر ۾ فل اسٽاپ کانپوءِ هيٺين ڄاڻايل وضاحت کي شامل ڪيو ويندو.

وضاحت:-

هن دفعه جي مقصدن جي حاصلات لاءِ، آفيس جي هولڊر مان

مراد اهڙو شخص آهي، جنهن هن آرڊيننس جي مطابق ناهيل قانون جي تحت حلف کنيو هجي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذکوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيکو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.